SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXX OF 2001

سنڌ زمين تي ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار تي ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH LAND TAX AND AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

3. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

4. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII ۾ دفعات 8_A ۽ 8_B جي شموليت
Insertion of section 8_A and 8_B in Sindh Ordinance No.XII of 2000

5. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعات 8، 9، 10، 11 ۽ 14 جي ترميم
Amendment of section 8, 9, 10, 11 and 14 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXX OF 2001

سنڌ زمين تي ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار تي ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH LAND TAX AND AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[31 آگسٽ 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ زمين تي ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار تي ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ دفعات 2 سواءِ شقن (i) ۽ (iii) جي، 3 ۽ 4 ۾ شامل گنجائشون پهرين جولاءِ 2000 کان لاڳو ٿينديون.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

2. سنڌ زمين تي ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار تي ٽيڪس آرڊيننس، 2000 (2000 جو آرڊيننس نمبر.XII) ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (h) کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) شق (j) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(jj) ضلعي عملدار مطلب ضلعي عملدار (لينڊ روينيو ۽ اسٽيٽ) ۽ جنهن ۾ شامل آهي ضلعي عملدار جون ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 تحت مقرر ڪيل ڪو عملدار."؛

(iii) شق (m) لاءِ سواءِ وضاحتن I، II ۽ III جي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(m) 'مالڪ' ۾ شامل آهي گروي رکندڙ جنهن جي قبضي ۾ زمين هجي ليزي، قبضو رکندڙ ڪو پيو شخص يا سرڪاري زمين جو هاري يا نجي زمين جو مالڪ؛".

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 6 جي ترميم

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن ۽ ڪامائن "زمين تي اوڳاڙيل ٽيڪس سان گڏ، ڪنهن سال لاءِ لڳايل،" کي ختم ڪيو ويندو.

Amendment of section 6 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

4. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، موجود دفعہ 8 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"(2) هڪ تپي کان وڌيڪ تپن ۾ زمين رکندڙ مالڪ، ڪاٿي جي مقصد لاءِ، اهڙي زمين جي سلسلي ۾ اهڙيءَ ريت بڳان جاري ڪندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII ۾ دفعات 8_A ۽ 8_B جي شموليت

Insertion of section 8_A and 8_B in Sindh Ordinance No.XII of 2000

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 8 کانپوءِ، هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون ويندیون:

"8_A زرعي پيداوار جو ڪاٿو لڳائڻ:

زرعي پيداوار جو ڪاٿو لڳائڻ جي سلسلي ۾، هيٺيان الائونس ڏنا ۽ ڪٽوتيون ڪيون ويندیون:

(a) مزدورن جي سلسلي ۾ ڪو خرچ:

(i) زمين پرڻ؛

(ii) ٻج پوکڻ؛

(iii) هر ڏيڻ/گڏ ڪرڻ؛

(iv) سار سنڀال/لاباروِ؛

(v) پيداوار کي بازار ڪٽي وڃڻ؛

(vi) ڪو ٻيو زرعي ڪم.

(b) هيٺ ڄاڻايلن تي ڪيل ڪو خرچ:

(i) ٻج؛

(ii) ڀاڻ ۽ جيت مار دوائون.

(c) هيٺين تي ڪيل ڪو خرچ:

(i) جانور، ٽريڪٽر، زرعي مشينري ڀاڙي تي وٺڻ ۽ زرعي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنيل قدم؛

(ii) واٽر ڪورس جي مرمت ۽ سار سنڀال.

(d) ڪو خرچ جيڪو ڪيو وڃي:

(i) زرعي پيداوار جي لاباري تي؛

(ii) زرعي پيداوار جي مارڪيٽنگ تي.

(e) ڪا رقم جيڪا هيٺين سلسلي ۾ ادا ڪئي وڃي:

(i) عشر؛

(ii) مقامي ڍل ۽ ٻيون ڍلون؛

(iii) پاڻي جو ملهه (آبياڻو)؛

(iv) زراعت لاءِ استعمال ڪيل ٽيوب ويلز ۽ لفٽ پمپس جي سلسلي ۾ بجليءَ جا بل؛

(v) زراعت جي مقصد لاءِ استعمال ڪيل ٽيوب ويلس ۽ لفٽ پمپس جي سلسلي ۾ استعمال ڪيل تيل جي قيمت؛

(vi) زراعت لاءِ استعمال ڪيل زمين جو پاڙو؛

(vii) زرعي قرض حاصل ڪرڻ؛

(viii) زرعي قرضن تي وياج؛

(f) زرعي پيداوار جي مقصد لاءِ استعمال ڪيل ڪاٺو لڳائيندڙ جي ملڪيت جي سلسلي ۾ اهڙي عمارت، مشينري ۽ پلانٽ جي گهٽ قيمت جي سلسلي ۾، لڪيل ملهه جي پندرنهن سيڪڙو برابر الائونس.

(g) ڪو ٻيو خرچ جيڪو مک خرچ، ذاتي يا ڪاٺو لڳائيندڙ طرفان ڪيل انتظامي خرچن کان علاوه هجي، جيڪو مڪمل ۽ ضروري طور زراعت جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هجي.

"B_8 الائونسز پيداوار مان ڪٽوتي سمجهيا ويندا:

ڪو بہ الاوئنس جيڪو هن آرڊيننس هيٺ جائز هوندو ان ڪي مجموعي زرعي آمدنيءَ ۾ شامل ڪيو ويندو پر اهو هن آرڊيننس مطابق انهيءَ آمدني مان ڪاٽيو ويندو جنهن جو ڪاٽو لڳائيندڙ حساب جوڙي ٿو.

6.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعات 8، 9، 10، 11 ۽ 14 ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظن "ضلعي عملدار (لينڊ رينيو اينڊ اسٽيٽ)" ڪي متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعات 8، 9، 10، 11 ۽ 14 جي ترميم

Amendment of section 8, 9, 10, 11 and 14 of Sindh Ordinance No.XII of 2000